# سيدن جون برڪتون

**10-July-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



10 جولاءِ 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ: 14 مُحَرّم شريف 1447ھ)

تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سيدن جون برڪتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... اهلِ بيت مان مراد ڪير...؟

✿... سيد زادي جي زيارت عبادت آهي

✿... ساداتِ ڪرام جي خدمت جو اجر

✿... سچو عاشقِ اهلِ بيت ڪير..؟

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

اچو! سُلطانِ ڪربلا، سيّدُ الشهداء، امامِ عالي مقام، امام حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان مروي ٻه حديثون ٻڌون ٿا: (1): امام حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: منهنجي نانا سائين، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿيو، پوءِ ان درودِ پاڪ نہ پڙهيو، بيشڪ اهو جنّت جو رستو ڀلجي ويو.[1] (2): امامِ حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان ئي روايت آهي، ٻنهي جهانن جي تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪنجوس آهي اهو شخص جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو، پوءِ ان مون تي درود نہ پڙهيو.[2]

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سَدا میں | اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي :اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[4]

[1]… معجم ڪبير، جلد:2، صفحہ:249، حديث:2818۔
[2]… ترمذی، كتاب الدعوات، صفحہ:811، حديث:3546۔
[3]… وسائلِ بخشش، صفحہ:114۔
4.. بخارَی، كتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الاهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب توجھ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، خود عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 2 آيتون ۽ انهن جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اَهْلِ بيتِ اَطْهار، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن ٻچڙن جو ذڪرِ خير ٻڌنداسين. اچو! حُصُولِ بَرَڪت ۽ هدايت جي لاءِ پهريان 2 قرآني آيتون ۽ انهن جي وضاحت ٻڌون ٿا:

پهرين آيتِ ڪريمه: سيپارو: 22، سُوره اَحْزاب، آيت: 33 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: اي نبيءَ جا گهروارؤ! [2] الله تہ اهو ئي چاهي ٿو تہ توهان کان هر ناپاڪي دور ڪري ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب صاف ستھرو ڪري. |

هيءَ وڏي مشهور آيتِ سڳوري آهي، ان کي آيتِ تَطْهِير چوندا آهن يعني اها آيتِ سڳوري جنهن ۾ اَهْلِ بيتِ اَطْهار جي پاڪائيءَ جو بيان ٿيو آهي. اِنهيءَ آيت ڏانهن اشارو ڪندي اعليٰ حضرت جي ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِما فرمايو آهي:

اُن کی پاکی کا خُدائے پاک کرتا ہے بیاں | آیۂ تَطْہِیر سے ظاہِر ہے شانِ اَہْلِ بیت

## اَهْلِ بيت مان مُراد ڪير...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ سڳوري بابت 2 ڳالهيون ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! (1): قرآنِ ڪريم جي سياق و سباق (يعني اڳين پوين آيتن) ۾ اَهْلِ بيت مان مُراد پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون گهر واريون آهن. هن جاءِ تي انهن سان ئي خطاب آهي، انهن کي ئي پردي جو حڪم ڏنو پيو وڃي. تنهنڪري قرآن جي روشنيءَ ۾ هن آيت ۾ اَهْلِ بيت مان مُراد مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون اَزْواج آهن. (2): پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَيِّده فاطمه، حضرت عليُّ الْمُرْتضيٰ، حضرت امام حَسَن ۽ امام حُسَين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم (۽ ٻئي اَوْلادِ پاڪ) کي بہ هن ۾ شامل فرمايو آهي، لهٰذا حديث شريف جي روشنيءَ ۾ هن فضيلت ۾ اَوْلادِ پاڪ بہ شامل آهي.

## اَهْلِ بيت جي محبت فرض آهي

ٻي آيتِ سڳوري : سيپارو: 25، سورت شُوْرٰي، آيت: 23 ۾ ارشاد ٿيو:

| قُلْ لَّاۤ اَسْــٴَـلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰىؕ | ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: مان ان تي توهان کان ڪو معاوضو نہ ٿو گهران سواءِ قرابت جي محبت جي. |
|---|---|

علامہ بغوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: هن آيتِ سڳوري جي هڪ معنيٰ هي آهي تہ اي مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان فرمائي ڇڏيو! (اي انسانؤ! مان اوهان کي دين سيکاريان ٿو، اوهان جون دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون اوهان تائين پهچايان ٿو) هن تي مان اوهان کان ڪنهن بہ قسم جو ڪو اجر، ڪو بدلو نٿو چاهيان، البت! مان

اوهان ڪي قرابتداريءَ جي محبت جي نصيحت ڪريان ٿو. هن مان معلوم ٿيو: پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت، اوهان جي رشتيدارن (Relatives) جي محبت دين جي فرائض مان آهي. (1)

| | |
|---|---|
| قلب میں عشقِ آل رکھا ہے | خوب اِس کو سنبھال رکھا ہے |
| جو بھی دیکھے بنے وہ دیوانہ | اُن میں ایسا جمال رکھا ہے |

## سيد زادي جي زيارت عبادت آهي

امام حافظ مُحِبُّ الدّين طَبَرِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه: 7 هين صدي هجري جا بزرگ آهن، تمام علمي شخصيت هئا، علمِ حديث ۾ سندن تمام وڏو مقام آهي. پاڻ هڪ روايت ذڪر ڪئي. لڪن تا: هڪ ڀيري حضرت امام حَسَن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي طبيعت مبارڪ ناساز ٿي وئي (يعني پاڻ بيمار ٿي پيا).

هن سلسلي ۾ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهزادي حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُما حضرت زبير بن عوّام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي چيو: اچو! امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي عيادت جي لاءِ هلون. حضرت زبير بن عوّام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ صحابيءِ رسول آهن ۽ سڀ صحابي ئي اَلْحَمْدُلِلّٰه! نيڪين جا حريص هئا، البتہ! ان وقت شايد ڪا مصروفيت وغيره هوندي، تنهنڪري حضرت زبير بن عوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ گڏ هلڻ کان انڪار ڪيو. حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن کي ترغيب ڏيندي فرمايو: **اي زُبَير...!! ڇا اوهان نٿا ڄاڻو تہ بنوهاشم جي عيادت جي لاءِ وڃڻ سُنّت ۽ انهن جي زيارت ڪرڻ نفل عبادت آهي.** (2)

| | |
|---|---|
| کس زباں سے ہو بیان عز و شانِ اہل بیت | مدح گوئے مصطفےٰ ہے مدح خوانِ اہل بیت[3] |

وضاحت: اسان غلامن جي وس جي ڳالھ ناهي جو اسان اهل بيت اطهار جا فضائل

1 ...تفسيرِ بغوى،پاره:25، الشورىٰ،زيرِ آيت :23، جلد:4،صفحه:81 ، ملتقطًا۔
2 ... ذخائر العقبى ۔
3 ذخائر العقبى ، الباب الثالث فى فضل بنى ہاشم ،ذكر افترض...الخ، صفحه:43

و برڪات بيان ڪري سگھون، انھن جا فضائل تہ انھن جو ربّ ڪريم بيان ڪري رھيو آھي.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اَھْلِ بيت پاڪ جو ڪيڏو نرالو شان آھي. انھن جي صرف زيارت ڪرڻ ئي نفل عبادت جي برابر آھي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! الله پاڪ اسان کي توفيق بخشي، الله پاڪ جي فضل سان ساداتِ ڪرام تقريباً سڄي دنيا ۾ موجود آھن، ھي بہ انھن جو خاص شان آھي. يزيد پليد ساداتِ ڪرام کي دنيا مان مِٽائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي ھئي پر ھو پاڻ مٽجي ويو، اَلْحَمْدُلِلّٰه! امام حُسَين جو اَوْلادُ پاڪ اڃا بہ سڄي دنيا ۾ موجود آھي.

قتلِ حسین اصل میں مرگِ یزید ہے | اسلام زندہ ہوتا ہے ہر کربلا کے بعد

خير! ساداتِ ڪرام اَلْحَمْدُلِلّٰه! سڄي دنيا ۾ آھن، اسان کي گھرجي تہ انھن جي زيارت جو شرف حاصل ڪندا ڪيون. جيڪڏھن سيد صاحب بيمار ٿي وڃن تہ انھن جي عيادت جي لاءِ بہ وڃون ۽ ان کان علاوه بہ وقت بوقت انھن جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيندا رھون.

## صحابہ ڪرام ۽ اھل بيتِ پاڪ جو ادب

الله پاڪ جي آخري نبي، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري چاچي حضرتِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ (چاڪاڻ تہ اھلِ بيت مان ھئا ان ڪري اھي) بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا ھئا تہ مسلمانن جا پھريان خليفا عاشقِ اڪبر حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بطورِ احترام سندن جي لاءِ پنھنجي جاءِ ڇڏي ڪري بيھي رھندا ھئا.[1]

روايتن ۾ آھي: جيڪڏھن ائين ٿي ويندو ھو تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا پيارا چاچا حضرتِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪٿي پيادل وڃي رھيا ھوندا ھئا ۽ حضرت

---

1... معجم كبير ج١٠ص٢٨٥ حديث ١٠٦٧٥-

فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ يا حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سواري تي انهن وٽان لنگهندا هئا تہ انهن جي تعظيم جي لاءِ سواري تان لهي ويندا هئا، جڏهن حضرت عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ لنگهي ويندا هئا تہ ٻيهر سوار ٿي ويندا هئا. (1)

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ سيّدن جو ادب نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## وقت جي خليفي جو محبت ڀريو انداز

حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪي تمام وڏا وليءِ ڪامل، هن اُمت ۾ پهريان مُجَدّد ۽ وقت جا خليفا ٿيا آهن، پاڻ اهڙي ڪامل انداز سان خلافت جا فرائض انجام ڏنا جو سندن خلافت کي بہ خلافتِ راشده ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. اهڙا زبردست خليفا هئا. حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مبارڪ عادت هئي تہ ساداتِ ڪرام تہ ساداتِ ڪرام رهيا، خاندانِ مصطفيٰ سان ڪجهہ بہ نسبت رکڻ وارو ڪو ايندو هو تہ ان جي تعظيم ڪندا هئا. صحابيءِ رسول آهن: حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ. پاڻ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اولاد مان نہ آهن ، البتہ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي پنهنجو پٽ بڻايو هو. هڪ ڀيري حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خاندان مان ڪو شخص حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي دربار ۾ آيو، پاڻ انهن کي ڏسندي ئي بيهي ڪري انهن جو استقبال فرمايو ۽ عزت ڏيندي انهن کي پنهنجي جاءِ تي ويهاريو. (2)

سُبْحٰنَ الله! هيءَ نسبتِ رسول جو ادب آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن بہ ساداتِ ڪرام کي ايندي ڏسون، رستي ۾، مسجد ۾، ڪنهن محفل وغيره ۾ انهن جي زيارت جو شرف ملي وڃي تہ ادب سان، سنيون سنيون نيتون ڪري انهن جي زيارت بہ ڪريون ۽ خوب تعظيم بہ ڪندا ڪريون. ۽ پنهنجي شهر يا علائقي ۾

1... الاستيعاب ج٢ص٣٦٠۔
2... (حضرت عمر بن عبد العزيز کی حکايات)۔

جيڪي ساداتِ ڪرام آهن، وقت ڪڍي انهن جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيندا رهون. ذهن ۾ رهي ته انهن جي زيارت جي لاءِ وڃڻو آهي ته انهن کان خدمت نه ڪرائڻي آهي، بلڪ انهن جي خدمت ڪري پنهنجي آخرت سنوارڻي آهي. تنهنڪري انهن جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيون، انهن جي خدمت به ڪريون ۽ ٿي سگهي ته ڪجهه نه ڪجهه مالي نذرانو به پيش ڪري ڇڏيون. ظاهر آهي اسان وٽ جيڪو ڪجهه آهي انهن جي ناني جو ئي ته ڏنل آهي. اسان انهن جي خدمت جو شرف ماڻيندا سين، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! انهن جا نانا خوش ٿي اسان جا بگڙيل ڪم سنواري ڇڏيندا.

## ساداتِ ڪرام جي خدمت جو اجر

**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** جيڪو شخص عبد المطلب جي اَوْلاد مان ڪنهن سان نيڪي ڪري فَعَلَيَّ مُكَافَاتُهُ غَدًا اِذَا لَقِيَنِي پوءِ جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن مون سان ملندو، مان ان جو صلو ڏيندس. (1)

هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 2 ڳالهيون وڏي ڪمال جون ذڪر ڪيون آهن (1): فرمائن ٿا: محبوبِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِذَا لَقِيَنِيْ يعني قيامت جي ڏينهن جڏهن اهو شخص مون سان ملندو. هن مان معلوم ٿيو ته جيڪو بانهو ساداتِ ڪرام سان ڀلائي ڪري، جيڪڏهن ايمان سلامت وٺي ويو ته قيامت جي ڏينهن مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملاقات جو شرف ضرور حاصل ڪندو.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪيڏو وڏو شرف آهي. قيامت جو هيبتناڪ ڏينهن، سخت ترين گرمي، تپندڙ زمين، باھ وسائيندڙ سج، گڏوگڏ

---

1... الصواعق المحرقہ ۔

هڪ هڪ عمل جو حساب به ٿي رهيو هوندو. اندازو لڳايو! اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن پياري مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو چهرو مبارڪ ڏسڻ، دامنِ مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان چنبڙڻ جو شرف ملي وڃي ته پوءِ ٻيو ڇا گهرجي...!! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! هن هڪ ڪرم سان ئي قيامت جون سڀ منزلون آسان ٿي وينديون.

(2): اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٻيو ايمان افروز نڪتو لکيو ته پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وعدو فرمائي رهيا آهن: جنهن اَهْلِ بيتِ پاڪ سان ڀلائي ڪئي، قيامت جي ڏينهن مان (مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پاڻ ان جو بدلو عطا فرمائيندس.

پياري مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عطائن ۽ سخاوتن جو هي عالم آهي جو

دھارے چلتے ہیں عطا کے، وہ ہے قطرہ تیرا
تارے کھلتے ہیں سخا کے وہ ذرّہ تیرا[1]

وضاحت: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي سخاوت جي هڪ قطري جو هي عالم آهي ته جيئن درياهه موجون هڻي رهيو هجي، اوهان جي عطا ڪيل ذري ۾ ايتري چمڪ آهي جيئن سخاوت جا تارا روشن ٿي ويا هجن.

سُبْحٰنَ الله! هاڻي غور فرمايو! جن جون عطائون اهڙيون باڪمال ۽ بي مثال هجن، جيڪي هڪ قطرو عطا فرمائي ڇڏين ته ڪيترين ئي نسلن ڪي ڪافي ٿي وڃي. اهي مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن قيامت جي ڏينهن عطائن جو دروازو کوليندا ته ڇا ڇا عطا فرمائي ڇڏيندا...!

تیرے صدقے مجھے اِک بُوند بہت ہے تیری

---

[1] حدائقِ بخشش، صفحه:15۔

جس دِن اچھوں کو ملے جام چھلکتا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اهلِ بيت سان ڀلائي جو عظيم انعام

روايتن ۾ آهي: حضرت عَلِي بن اِبراهيم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه نالي اٿي جو مالدار تاجر هو. هڪ ڏينهن انهن کان هڪ سيد صاحب ڪجهه اٿو گهريو. پاڻ واپاري هو ته چيائين: رقم آڻيو! سيد صاحب فرمايو: مون وٽ مال نه آهي. اوهان منهنجو هي قرض منهنجي ناني مُحَمَّد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي لکي ڇڏيو. حضرت علي بن اِبراهيم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه انهن کي اٿو ڏئي ڇڏيو ۽ هي قرض الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذمي لکي ڇڏيو. هن معاملي جو علم جڏهن سيد زادن کي ٿيو ته انهن به اٿو ورتو، قرض محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي لکيو ويو. هي سلسلو هلندو رهيو. ايتري تائين جو حضرت علي بن ابراهيم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه وٽ مال ختم ٿي ويو ۽ اهو غريب ٿي ويو.

پاڻ انهيءَ پريشانيءَ ۾ هئا ته هڪ رات ستا ته قسمت جاڳي پئي، رسولِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: جيڪڏهن تو مون سان معاملو دنيا جي لاءِ ڪيو آهي ته مان توکي ان جو پورو پورو بدلو هينئر ئي ڏئي ڇڏيان ٿو ۽ جيڪڏهن تو مون سان معاملو آخرت جي لاءِ ڪيو آهي ته صبر ڪر! بيشڪ مون وٽ تمام سٺو بدلو آهي. هي ٻڌي حضرت علي بن ابراهيم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه تي رقت طاري ٿي وئي ۽ روئيندي روئيندي ننڊ مان بيدار ٿيو. هاڻي انهن جي دل دنيا کان بيزار ٿي چڪي هئي، پوءِ جهنگلن ۽ جبلن ڏانهن نڪري ويو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هُو هڪ جبل جي غار ۾ فوت ٿيل حالت ۾ مليو. ماڻهن انهن کي کنيو ۽ نمازِ جنازه وغيره کانپوءِ دفن ڪري ڇڏيو. ان رات 7 نيڪ ماڻهن خواب ۾ حضرتِ علي بن ابراهيم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کي سائي ريشم

جو حُلو (يعني قيمتي سائي پوشاڪ) پاتل ڏٺو تہ اهو جنّت جي باغن ۾ گهمي رهيو آهي، انهن پڇيو: اي علي بن ابراهيم! اوهان ڪي هي انعام ڪيئن حاصل ٿيو؟ فرمايائون: جنهن حضرت مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معاملو ڪيو ان اهو ماٽي ورتو جيڪو مون ماٽيو، چاٽي ونو! بيشڪ مون پنهنجي صبر جي سبب الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ماٽي ورتو. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ اسان سيد زادن سان نيڪ سلوڪ ڪندا ڪيون. ان تعلق سان حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو جيڪو انداز آهي، واقعي ڪمال آهي.

## فاروقِ اعظم جي گهڻي محبت

هڪ ڀيري حضرت امام حَسَن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي گهر تشريف وٺي ويا. جڏهن پهتا تہ سامهون منظر ڪجهہ ائين هو جو حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪمري جي اندر آهن ۽ ڪا خاص مصروفيت هوندي، جنهن جي ڪري اندر وڃڻ جي اجازت ڪنهن کي بہ نہ هئي. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي شهزادي حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اندر وڃڻ جي اجازت گهري، انهن کي بہ روڪيو ويو.

امامِ حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جڏهن هي ڏٺو تہ چپ چاپ ئي واپس تشريف وٺي ويا. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي جڏهن انهن جي اچڻ جو علم ٿيو تہ فوراً گهر تشريف آڻڻ جي دعوت موڪلي. پاڻ تشريف فرما ٿيا. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پڇيو: شهزاده حضور! واپس ڇو تشريف وٺي ويا؟ فرمايائون: مون سوچيو جڏهن سڳي پٽ کي اندر وڃڻ جي اجازت نہ آهي تہ مون کي ڇو هوندي؟

هتي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جيڪو جملو ارشاد فرمايو، واقعي ڪمال

1 ... شرفُ المصطفٰی ج ۳ ص ۲۱۶۔

جي ڳالھ آھي، اِحسان مجڻ ان کي چوندا آھن. پاڻ فرمايو: اَنْتَ اَحَقُّ بِالْاِذْنِ مِنْهُ يعني اوھان وڌيڪ حقدار آھيو تہ اوھان کي تشريف آڻڻ جي کلي اجازت ڏني وڃي. چو؟ فرمايائون: ان ڪري جو

وَهَلْ اَنْبَتَ الشَّعْرُ فِى الرَّاْسِ بَعْدَ اللّٰهِ اِلَّا اَنْتُم

اسان جي مٿي تي جيڪي وار آھن، الله پاڪ کانپوءِ اوھان جي ڪري ئي آھن.

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي وڏي ڳالھ آھي، مطلب ھي آھي تہ الله پاڪ اسان کي ننڍي کان ننڍي، وڏي کان وڏي جيڪا نعمت عطا فرمائي آھي، محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي آل پاڪ جو ئي صدقو آھي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي وڏاءُ نہ آھي. واقعي سچي ڳالھ آھي، اسان کي جيڪو ڪجھ مليو آھي، ايتري تائين جو ساھ جيڪو ھلي رھيو آھي، ھي بہ سيدن جي ناني محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي صدقو آھي. بلڪ سچ چوان: مان ۽ اوھان تہ ڇا حيثيت رکون ٿا، الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو ھو: لَوْلَا مُحَمَّدٌ مَا خَلَقْتُكَ يعني اي آدم عَلَيْهِ السَّلَام! جيڪڏھن مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ ھجن ھا تہ مان اوھان کي بہ پيدا نہ ڪريان ھا.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڇا خوب لکيو آھي:

ہوتے کہاں خلیل وبِنا، کعبہ و مِنٰی | لولاک والے صاحبی سب تیرے گھر کی ہے
لولاک والے صاحبی سب تیرے گھر کی ہے

ہوتے کہاں خلیل وبِنا، کعبہ و مِنٰی
لولاک والے صاحبی سب تیرے گھر کی ہے
بے اُن کے واسطے کے خُدا کچھ عطا کرے
حاشا! غلط غلط یہ ہَوَس بے بصر کی ہے

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏھن اوھان نہ ھجو ھا تہ نہ حضرت ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام دنيا ۾ تشريف آڻين ھا نہ ئي ڪعبو ھجي ھا نہ ئي منيٰ ھجي ھا نہ

[1] الصواعق المحرقہ، الباب الحادی عشر، الفصل الاول...الخ، المقصد الخامس...الخ، صفحہ:222۔

ئي ٻين اسلامي نشانين جو ڪو وجود هجي ها، هي سڀ رونقون اوهان جي ڪري آهن، جيڪڏهن ڪو هي سوچي ٿو ته الله پاڪ ان جي واسطي کان بغير ڪجهه عطا فرمائيندو آهي ته اهو غلطي تي آهي، جيڪو به ملي ٿو انهن جي ڪري ئي ملي ٿو.

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! سيد سڳورا اسان جي سِرَ (مٿي) جا تاج آهن، اسان کي جيڪو مليو انهن جي ناني جو صدقو مليو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته دل کولي انهن جي خدمت ڪندا ڪيون. بلڪ سچي ڳالهه عرض ڪيان: سيد زادن جو جيڪو مقام ۽ مرتبو آهي، ان جي مطابق ڏنو وڃي ته اسان انهن جي خدمت ڪري ئي نٿا سگهون. هي ته بس هڪ معمولي نذرانو آهي جيڪو اسان انهن جي خدمت ۾ پيش ڪري سگهون ٿا.

## سيِّد نالي جو نذرانو

خواجهِ غُلام فريد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪوٽ مٺن شريف وارا، وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن، هڪ ڀيري ڪنهن لَندن مان هڪ گهڙي آڻي سائين جن کي پيش ڪئي، تمام قيمتي گهڙي هئي، ان تي تمام گهڻا پُرزا به لڳل هئا، موسم بابت معلومات، آنڌيءَ ۽ زلزلي بابت معلومات ۽ قبلي جو رخ وغيره سڀ ڪجهه ان گهڙي مان معلوم ڪري سگهجو پئي، ان وقت جي لحاظ کان تقريباً 25 کان 30 هزار، ان گهڙي جي قيمت هئي.

هڪ ڀيري هڪ سيّد صاحب فرمايو: هيءَ گهڙي مون کي ڏئي ڇڏيو! خواجهِ غُلام فريد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فوراً گهڙي پيش ڪري ڇڏي. ڪنهن مريد عرض ڪيو: حضور! هيءَ تمام قيمتي ۽ ناياب گهڙي هئي، اهڙي گهڙي ٻيهر نه ملي سگهندي. ڀانءِ سيّد صاحب کي ڪجهه رقم ڏئي ڇڏيو ها، گهڙي نه ڏيو ها ۽ ٻيو ته اهي واقعي سيّد هئا؟ خواجهِ غُلام فريدرَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: مون سيّد نالي (يعني لفظِ سيّد) جو ادب ڪندي نذرانو پيش ڪيو آهي، سيّد ذات جو نذرانو پيش ڪرڻ جي طاقت

مون ۾ ڪٿي آهي...؟ (1)

کیا پیش کروں تم کو کیا چیز ہماری ہے | یہ دل بھی تمہارا ہے یہ جاں بھی تمہاری ہے

## سادات سڳورن جي عزت ۽ فضيلت تي مبارڪ حديثون

ساداتِ ڪرام جي عزت ۽ فضيلت تي ڪجھ مبارڪ حديثون ٻڌو! (1): پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجي اَولاد کي 3 ڳالهيون سيکاريو: ۞ پنهنجي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۞ اهلِ بيت جي محبت ۽ قرآن جي تلاوت. (2)

(2): مسلم شريف جي روايت ۾ آهي: رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مان اوهان ۾ 2 عظيم شيون ڇڏي رهيو آهيان ۞ انهن مان پهرين ته الله پاڪ جو ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم) آهي جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي، اوهان الله پاڪ جي ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم) تي عمل ڪريو ۽ ان کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۞ ٻيا منهنجا اهلِ بيت آهن، ۽ 3 ڀيرا ارشاد فرمايائون: مان اوهان کي پنهنجي اهلِ بيت جي باري ۾ الله پاڪ جي ياد ڏياريان ٿو. (3)

اِمام شرف الدين طِيّبِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مطلب هي آهي ته مان اوهان کي پنهنجي اهلِ بيت جي شان جي حوالي سان الله پاڪ کان ڊيڄاريان ٿو ۽ اوهان کي چوان ٿو ته اوهان الله پاڪ کان ڊڄو، انهن کي تڪليف نه ڏيو بلڪ انهن جي حفاظت ڪيو. (4)

حبِّ اہلِ بیت دے، آلِ محمد کے لئے | کر شہیدِ عشق، حمزہ پیشوا کے واسطے

(3): حَسَنَين جي ناني، ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَايُؤْمِنُ

1 ...انوارِ قمريه، صفحه: 290.
2... الجامع الصغير ص۲۵ حديث ۳۱۱.
3... مسلم ص۱۰۰۸ حديث۶۲۲۵.
4... شرح الطيبى ج۱۱ص۲۹۶تحت الحديث۶۱۴۰.

عَبْدٌ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَفْسِهٖ، وَتَكُوْنَ عِتْرَتِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ عِتْرَتِه. يعني ان وَقت تائين ڪو بہ ٻانهو (ڪامل) مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان ڪي ان جي جان کان وڌيڪ پيارو نہ ٿي وڃان ۽ منهنجو اَولاد ان ڪي پنهنجي اَولاد کان وڌيڪ پيارو نہ ٿي وڃي. (1)

صحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادِم | یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یارسولُ اللہ

(4): نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اوهان مان پُل صراط تي سڀ کان وڌيڪ ثابت قدم اهو هوندو جيڪو منهنجي صحابن ۽ اهلِ بيت سان وڌيڪ محبت ڪرڻ وارو هوندو. (2)

آل واصحاب سے محبّت ہے اور سب اولیا سے اُلفت ہے
یہ سب اللہ کی عنایت ہے مل گئی مصطفٰی کی اُمّت ہے

## 3 شين جي عزت جو حڪم

رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: 3 شيون اهڙيون آهن جنهن انهن جي حفاظت ڪئي، الله پاڪ ان جي دين ۽ دنيا جي معاملي ۾ حفاظت فرمائيندو ۽ جنهن انهن کي ضايع ڪيو الله پاڪ ان جي ڪنهن بہ معاملي ۾ حفاظت نہ فرمائيندو (1): اسلام جي عزت ۽ احترام (2): منهنجي عزت ۽ احترام (3): منهنجي رشتي ۽ قرابت دارن جي عزت ۽ احترام. (3)

اللهُ اڪبر! اي عاشقانِ صحابہ و اَهْلِ بيت! هي حديث شريف تہ ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! دل ۾ سجائي ڇڏيو! هميشہ ان کي پنهنجي سامهون رکو! جيڪو ٻانهو 3 شين جي عزت ڪندو، الله پاڪ دنيا جي هر معاملي ۾ ۽ آخرت جي هر معاملي

1... شعب الايمان ج٢ص١٨٩حديث١٥٠٥-
2... جمع الجوامع ج١ص٨٦ حديث ٤٥٤-
3... جمع الجوامع ج١ص٣٨٠حديث٢٨٠٩-

۾ ان جي حفاظت فرمائيندو. ڪيڏي زبردست فضيلت آهي. دنيا ۾ اسان جا ڪم اٽڪي ويندا آهن، مشڪلاتون پيش اينديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن ڊپ ۽ خوف جو ماحول بہ بڻجي ويندو آهي، پوءِ آخرت بابت غور فرمايو. اللّٰه! اللّٰه! آخرت جو تہ هر معاملو ئي هيبتناڪ آهي ۞ قبر جي تنگي ۞ اونداهي ۞ اڪيلائي ۞ پوءِ ۞ قبر جو دٻائڻ ۞ مُنڪر نڪير جو تشريف ڪٺي اچڻ ۞ قبر جا سوالَ۞ پوءِ قيامت جي ڏينهن قبر مان اٿڻ ۞ اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو منظر ۞ اعمال ناما ملڻ جو منظر۞ اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ بيهڻ جو منظر۞ پُل صراط جون مشڪلاتون، اللّٰه! اللّٰه! هڪ ڪان وڌيڪ هڪ مشڪل آهي، هيبتناڪيون ئي هيبتناڪيون آهن. انهن مشڪلاتن ڪان اسان ڪيئن بچي سگهنداسين؟ ڪيئن نجات ماڻينداسين؟ منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آسان حل ڏنو، فرمايائون: 3 شين جي عزت ڪريو! اللّٰه پاڪ خود دنيا ۽ آخرت جي هر معاملي ۾ توهان جي حفاظت فرمائيندو. ڪهڙيون ڪهڙيون شيون آهن؟ فرمايائون: (1): اسلام جي عزت ڪريو! (2): منهنجي (يعني مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي) عزت ڪريو! (3): اَهْلِ بيتِ پاڪ جي عزت ڪيو...!!

اللّٰه پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي. بزرگانِ دين، اللّٰه پاڪ جا نيڪ ٻانها ساداتِ ڪرام جي ڪيتري عزت ڪندا هئا، انهن جو نرالي انداز سان ادب ڪندا هئا؟ ٻڌو!

۞ شيخ ابراهيم رامپوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، پاڻ سيّد پُور ڪرنال (هند) ۾ تشريف فرما ٿيا، اُتي ئي رهائش اختيار فرمايائون، هتيَ اچڻ کانپوءِ پاڻ ڪٿ تي نہ سمهندا هئا، ماڻهن ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: هن علائقي ۾ ڪجهہ سيد سڳورا اهڙا بہ آهن جو انهن کي کٽون ميسر نہ آهن، اهي زمين تي سمهندا آهن، جڏهن تہ سيد سڳورا (پنهنجن پنهنجن گهرن ۾) زمين تي آرام ڪن ٿا تہ مان ڪٿ تي ڪيئن قدم رکان، هي اَدب جي خلاف آهي.

۞ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه باغ ۾ جمُونءَ جي وڻ هينان عبادت ۾ مصروف رهندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙا ننڍڙا سيد سڳورا تشريف آڻيندا هئا، باغ ۾ لڳل وڻن تي پٿر هڻندا هئا ۽ ميوا ڇاڻي کائيندا هئا، ڪڏهن ڪو پٿر شيخ ابراهيم رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه کي لڳي ويندو هو ته ان کي سعادت سمجهندا هئا، هڪ عرصي تائين ته پاڻ هن معاملي تي صبر ڪندا رهيا پر جڏهن معاملو برداشت کان وڌي ويو ته سيدزادن کي ته ڪجھ نه چيائون، وڻن کي فرمايائون: اي وڻؤ...!! مون کي سيد سڳورن جو ادب ٿو اڳيان اچي، مان انهن کي ڪجھ نٿو چئي سگهان، توهان آئنده ميوا نه ڏيندا ڪيو ! اهو ڏينهن هو جو انهن وڻن تي ميوا اچڻ بند ٿي ويا. (1)

۞ شيخ اَمَان پاني پتي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه به هڪ نيڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: منهنجي نظر ۾ دَرويشي 2 شين جو نالو آهي: (1): حُسْنِ اَخلاق (2): اَهْلِ بيت جي محبت. يعني جنهن خوش نصيب کي اهي 2 نعمتون ملي وينديون آهن، اهو بلند مقام حاصل ڪري وٺندو آهي. اَخْبَارُ الاَخْيَار ۾ شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه لکن ٿا: شيخ اَمَان پاني پتي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جي عادت مبارڪ هئي، جڏهن پاڻ پڙهائي رهيا هوندا هئا، ان دوران ڪو سيّد صاحب ڪيڏندي گهٽيءَ ۾ تشريف ڪٽي ايندو هو ته پاڻ ڪتاب رکي ڇڏيندا هئا ۽ ادب سان بيهي رهندا هئا، جيستائين سيّد صاحب موجود رهندو هو، پاڻ اهڙيءَ طرح بيهي رهندا هئا. (2)

سُبۡحٰنَ اللّٰه! الله پاڪ اسان کي به توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اسان به سيد زادن جو صحيح معنيٰ ۾ ادب ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

## سيد سڳورن جا ڪجھ آداب

الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن ۾ هڪ نالو حضرت علي خوّاص رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جو به آهي، پاڻ وڏا ڪامل ولي هئا، سيد سڳورن جي ادب تي تمام زور ڏيندا هئا،

1...اقتباس الانوار، صفحہ: 744و745 خلاصۃً۔
2...اخبار الاخیار،شیخ امان پانی پتی رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ، صفحہ:241 ملتقطًا۔

فرمائن ٿا: سيد سڳورن جي حقن مان هي حق به آهي ته اسان انهن تي پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون ڇاڪاڻ ته اهي حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جگر جا ٽڪرا آهن ۞ سيد سڳورن جي آداب مان آهي ته انهن جي سامهون پاڻ کي ڪجهه نه سمجهون (يعني انهن جي سامهون انتهائي عاجزي سان پيش اچون، پنهنجون ضرورتون انهن تي قربان ڪيون) ۞ پاڻ کي انهن تي ترجيح نه ڏيون ۞ سيّد صاحب چاهي بي علم به هجي، پوءِ به ان جو ادب بجا آڻيون ۞ حضرت علي خوّاص رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: پنهنجين خواهشن تي سيد سڳورن جي رضا کي مقدم رکو ۽ انهن جي پوري تعظيم ڪيو ۽ جڏهن اهي زمين تي وينا هجن ته ڪٽ تي هرگز نه ويهو. (1)

سُبْحٰنَ الله! اهي آهن سيد سڳورن جا آداب...!! الله پاڪ اسان کي اَهْلِ بيتِ پاڪ سان، آلِ مصطفيٰ سان خوب محبت ڪرڻ، انهن جو ادب ۽ احترام بجا آڻڻ نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## سچو عاشقِ اَهلِ بيت ڪير...؟

آخر ۾ هڪ اهم وضاحت ٻڌي وٺو! اسان کي اَهْلِ بيتِ پاڪ سان محبت ڪرڻي آهي پر اَهْلِ بيت جي سچي محبت ڇا کي چوندا آهن؟ اهو به سمجهي وٺو! روايت آهي: هڪ ڏينهن حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خطبو ڏئي رهيا هئا، ايتري ۾ امامِ عالي مقام، امام حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تشريف ڪٽي آيا، حضرت امير معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جلدي سان خطبو مڪمل ڪيو ۽ منبر تان هيٺ لهي آيا، هاڻي حضرت امامِ حُسَين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ منبر تي تشريف فرما ٿيا، پاڻ الله پاڪ جو حمد ۽ ثناء ڪئي، پوءِ فرمايائون: مون کي منهنجي ناني ٻڌايو ته الله پاڪ فرمائي ٿو: عرشِ اعظم جي پائي هينان سائي رنگ جي هڪ تختي آهي، ان تي لکيل آهي: اي آلِ مُحَمَّد جا گروهه! اوهان مان جيڪو به قيامت جي ڏينهن لَا اِلٰهَ اِلَّا الله جي گواهي ڏيندو

1... تنوير الازہار ترجمہ نور الابصار، جلد:1، صفحہ:363 و364 خلاصۃً۔

ايندو، الله پاڪ ان کي جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو.

هي ٻڌي حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پڇيو: اي ابو عبد الله (يعني امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ)! آلِ مُحَمَّد جو گروهه ڪير آهي؟ فرمايائون: اهو جيڪو شَيخَين يعني ابو بڪر ۽ عمر کي، عثمانِ غني کي، منهنجي والدِ محترم موليٰ علي کي ۽ اي مُعَاويه! اوهان کي برو ڀلو نه چوي، اهو آلِ مُحَمَّد جو گروهه آهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: جيڪو صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوان جو بہ ادب ڪري ٿو، نبيءَ جي 4 يارن جو بہ ادب ڪري ٿو ۽ خَالُ المؤمنين (يعني سيني مسلمانن جي مامَي) حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي بہ برو نٿو چوي، اهو سچو عاشقِ اَهْلِ بيت آهي.

الله پاڪ اسان کي صحابه ڪرام ۽ اَهْلِ بيتِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جو باادب، سچو عاشق بڻائي ۽ انهن جي دشمني ۽ گستاخي کان هميشه محفوظ فرمائي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم.

محفوظ سَدا رکھنا شَہا! بے ادبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو (2)

## ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ جي هن پرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي دلين ۾ عشقِ رسول جاڳائڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ اُمت کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروفِ عمل آهي، اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب وڌي حصو وٺندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم فجر جي نماز لاءِ جاڳائڻ بہ آهي.

---

1... تاريخ ابن عساکر، رقم:1566، حسين بن علی بن ابی طالب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما ، جلد:14، صفحہ:114۔

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:315۔

**نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي:** ۞الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي لاءِ ويندي سُتلن کي جاڳائيندا هئا (1) ۞ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو به اهو ئي انداز هو (2) ۽ ۞ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به هن پياري پياري سُنّت تي عمل ڪندا هئا. (3)

**اوهان به هيءَ سُنّت اپنايو!** نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم تمام گهڻيون برڪتون ملنديون ۞ ٻين کي جاڳائيندا ته پاڻ کي به نمازِ فجر باجماعت پڙهڻ جي سعادت ملندي ۞ صبح صبح نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ۞ اوهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سڀني جي نمازن جو ثواب انهن کي به ملندو ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم

اوهان جي اعمال نامي ۾ به لکيو ويندو ۞ صبح صبح پيادل هلڻ جو موقعو ملندو ته صحت سٺي رهندي ۞ هڪ اهم فائدو هي ته مسجد جي رونق وڌي ويندي، ڪا به مشڪل نه آهي، جماعت جي وقت کان 20، 25 منٽ پهريان اٿي وڃو! نمازِ فجر جي لاءِ ته وڃڻو ئي آهي، صدا لڳائيندا وڃو! مسجد به پهچي ويندا ۽ الله پاڪ جي فضل سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب به ملي ويندو. نيت ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندو رهندس. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو. جيئن ته:

## سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه مان سڏ اچي ويو

قصور (پنجاب) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اَلْحَمْدُ لله! مان دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ته هيس پر ديني ڪمن جي معاملي ۾ سُستي جو شڪار هيس، هڪ ڏينهن هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ مونکي سمجهائيندي ديني ڪم ڪرڻ ۽ بطورِ خاص نمازِ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ

1...ابو داؤد، کتاب الصلاة، باب الاضطجاع بعدها، صفحہ:208، حديث:1264۔
2...مشكاة المصابيح،کتاب الصلاة، جز:1، جلد:1، صفحہ:244، حديث:1240۔
3...تاريخ الخلفاء، صفحہ:112ماخوذاً۔

واري ديني ڪم جي خوب پابندي ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، اَلحَمۡدُلله! منهنجو ذهن بڻجي ويو ۽ مان اينڊڙ ڏينهن ئي ان تي عمل شروع ڪري ڇڏيو. فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ تہ چا شروع ڪيو، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم ٿي ويو، قسمت جو تارو ايئن چمڪيو جو انهيءَ سال مونکي مديني پاڪ جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي وئي، ڪرم مٿان ڪرم هي بہ ٿيو تہ منهنجي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سعادت نصيب ٿي وئي.

| | |
|---|---|
| کروں دم بدم میں ثنائے مدینہ | لگاتار ہے دل صدائے مدینہ |
| لگا فَجْر میں بھائی گھر گھر پہ جا کر | ذرا دل لگا کر صدائے مدینہ[1] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دارالافتاء اهلسنت ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Darul Ifta Ahlesunnat (دارالافتاء اهلسنت). هن ايپلي ڪيشن ۾ اوهان کي ملندا: ڪيئي مذهبي (Religious) ۽ معاشرتي (Social) سوالن جون تحريري فتوائون ۞ عقيدن بابت احڪام ۞ قرآن ۽ حديث بابت احڪام ۞ وضو، غسل ۽ ناپاڪي جا احڪام ۞ نماز بابت مسئلا ۞ ميت بابت مسئلا ۞ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيان ۞ معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن تي رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز (Articles) ۽ ڪتاب ۞ مفتيانِ ڪرام جا مختلف علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي مبني سلسلا ۞ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گهڻو ڪجهہ. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائيل ۾ انسٽال ڪري ونو! پاڻ بہ فائدو

---

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:369۔

حاصل ڪيو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

## ڪجھ ضروري اعلان

پيارا اسلامي ڀائرو! هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي به رات عشاء جي نماز کانپوءِ (9 بجي 45 منٽن تي) مدني چينل تي اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائن ٿا، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو "**اميرِ اهلسنت جو وڏو ڀاءُ**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين ڏانهن به شيئر (Share) ڪريو! ڪربلا جو واقعو اسلام جي تاريخ ۾ صبر، استقامت ۽ حق تي ڄمي وڃڻ جو عظيم مثال آهي. هن کي صدرالافاضل مولانا مُفتي نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ايمان اَفروز ڪتاب "سوانح ڪربلا" ۾ نهايت ئي پياري انداز ۾ تحرير ڪيو آهي. مڪتبة المدينه هن ڪتاب کي شايع ڪيو آهي، اوهان هن ڪتاب کي مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان 200 روپيه ۾ قيمتاً طلب فرمايو. پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريو!

مجلس تقسيمِ رسائل پاران محرم الحرام شريف جي مناسبت سان علم ۽ عمل جي واڌاري لاءِ بهترين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل 2 خاص پيڪيج پيش ڪيا پيا وڃن: ۞ پيڪيج نمبر 1 (صرف 100 رپين ۾): ۞ 1 عدد گذريل سالن جو ماهوار رسالو (عام) ۞ عدد چوندبل رسالا. ۞ پيڪيج نمبر 2 (صرف 200 رپين ۾): ۞ 1 عدد گذريل سالن جو ماهوار رسالو (خاص نمبر) 3 عدد وڏي سائيز جا ۽ 1 عدد ننڍو رسالو.

هنن پيڪيجن جو مقصد اسلامي معلومات عام ڪرڻ ۽ محرم الحرام شريف جي عظمت ۽ پيغام کي گهر گهر پهچائڻ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## زلفن ۽ مٿي جي وارن جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جا وار هجن اهو انهن جو اڪرام ڪري. [2] يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ۽ ڪنگو (Comb) ڪري.

پيارا اسلامي ڀائرو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا زلف مبارڪ ڪڏهن نصف (يعني اڌ) ڪن مبارڪ تائين ۞ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي پاپڙين تائين ۽ ۞ ڪڏهن وڌي ويندا هئا ته مبارڪ ڪلهن کي جهومي جهومي چمڻ لڳندا هئا ۞ اسان کي گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن ٽيئي سُنتون ادا ڪريون، يعني ڪڏهن اڌ ڪن تائين ته ڪڏهن پوري ڪن تائين ته ڪڏهن ڪلهن تائين زلف رکون ۞ ڪجھ ماڻهو ساڄي يا کاٻي پاسي سينڌ ڪڍندا آهن هي سُنّت جي خلاف (Against) آهي ۞ سُنّت هي آهي ته جيڪڏهن مٿي تي وار هجن ته وچ ۾ سينڌ ڪڍجي ۞ مرد کي اختيار آهي ته مٿي جا وار ڪٽائي يا وڏا رکي ۽ سينڌ ڪڍي ۞ حضرت اَنَس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

1... تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343-
2... ابو داؤد، كتاب الترجل، باب فی اصلاح الشعر، صفحه:653، حديث:4163-

وَسَلَّم متي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا هئا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ اڪثر ڪنگو ڪندا هئا ۽ اڪثر متي مبارڪ تي ڪپڙو (يعني سر بند شريف) ٻڌندا هئا ايتري تائين جو اهو ڪپڙو تيل (Oil) سان آلو تي ويندو هو. (1)

| | |
|---|---|
| تیل کی بُوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا | صبحِ عارِض پہ لُٹاتے ہیں ستارے گیسو |

وضاحت: اي رضا! سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زلفن مان جيڪي تيل جا ڦڙا ٽپڪي رهيا آهن، مون کي تہ هي منظر ائين لڳي رهيو آهي جيئن تارن ڀري رات رُخِ مصطفيٰ تي، رُخِ وَالضُّحٰی تي تارا نڇاور ڪري رهي آهي.

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبةالمدينہ جي بهارِ شريعت جلد:3، حصو:16، ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن وارو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن ڀرپور سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بسر |
| جو بھی شیدائی ہے مدنی قافلوں کا یاخدا! | دو جہاں میں اُس کا بیڑا پار فرمایا خدا! |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

1... 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:41 تا43 ملتقطاً۔

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثانى، ص277

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُود شريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع، الباب الاول، ص2125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2 ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455